1. دين محمد ڪلهوڙو
2. ڊاڪٽر محمد انور فگار هَڪڙو

# محبت ٻرڙي جو سائنسي ۽ فني اصطلاح سازيءَ ۾ ڪيل ڪم جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس

# Critical Analysis of work done by Muhabbat Buriro in the field of Scientific and Art of Idiomic Structure in Sindhi Language

***Abstract:***

*In the Sindhi language, Muhabbat Buriro was a trustworthy name. He has worked on very tough and boring topics in the field of language.*

*In this research paper, the scientific and artistic idiomatic works of Muhabbat Buriro are critically analyzed. The meanings, definitions,and illustrations of artistic and scientific idiomatic work are analysed in this paper.*

*In fact,idiomatic structuring is the hardest art in any language. It is made easy in their own language by those experts who are not only experts in science but in their own language as well. The name of Muhabbat Buriro can be listed among the experts of the Sindhi language who are able to translate the scientific and artistic idiomatic structure in their own language.*

*This type of work by Muhabbat Buriro is explained in this paper.*

’اصطلاح‘ ڪنهن بہ مضمون يا شعبي ۾ ڪنهن بہ شيءَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ مخصوص نالو آهي، جيڪو ساڳي ٻوليءَ ۾ ٻين لفظن يا متعين ڪيل نالن کان منفرد ۽ نرالو هجي. يعين اُهو ڪنهن خاص مقصد لاءِ گهڙيو (Coin) يا ٺاهيو ويجي.

ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي ’اصطلاح‘ لفظ جي حسب نسب ۽ معنيٰ بابت لکي ٿو تہ:

”’اصطلاح‘ عربي لفظ آهي، جنهن جو بنياد آهي –’صلح‘ يعني موافق، سٺو يا وڻندڙ ٿيڻ . . . ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ’اصطلاح‘ لفظ جي اٽپوري معنيٰ ڏنل آهي، اُها آهي –ڪنهن ڌنڌي يا فن جو لفظ –ورجيس. ٻئي طرف، انهيءَ لفظ جي صفت روپ ’اصطلاحي‘ ۾ وڌيڪ معنيٰ ڏنل آهي.“ (جيٽلي، 2004: 55)

---

[1]. سسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول، محمد بخش شورو، قاسم آباد حيدرآباد.

[2]. محقق، ليڪڪ.

سنڌيءَ ۾ ’اصطلاح‘ ٻن قسمن ۾ ملن ٿا. هڪڙا – ادبي اصطلاحَ ۽ ٻيا – سائنسي ۽ فني اصطلاحَ. سنڌي زبان ۾ انهن ٻنهي اصطلاحن تي ڪم ٿيڻ جي تاريخ ۽ فن. سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي تاريخ ڪان آڳاٽي آهي.

سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازيءَ تي ٻه ڪم ٿيو آهي، پر اهو اڃا پنهنجي جوهر ۾ اُيار وٺي نه بيٺو آهي، پر تنهن هوندي به ٻوليدان ۽ سائنس جي مختلف شاخن جي علمن جا ماهر ھِن علم ۽ فن ۾ پنهنجا جوهر ڏيکارڻ جي ڪوشش ۾ جنبيل آهن. پروفيسر ممتاز علي قاضي (ايم.اي قاضي) سائنسي ۽ فني اصطلاح سازيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> ”اصطلاح سازي هڪ مشڪل فن آهي. دراصل اصطلاح (سائنسي) اهڙا ته هئڻ گهرجن جيڪي زبان توڙي فن جي لحاظ کان موزون هجن ۽ پڻ ساخت جي لحاظ کان مختصر هجن.“(قاضي، 1994: 13)

سنڌي زبان ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازيءَ جو ڪم تڏهن زور پڪڙي سگهي ٿو جڏهن ملڪ اندر تعليم جي شعبي کي ٻين شعبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي ۽ تعليمي ادارن ۾ سائنسي ۽ فني تعليم کي اوليت جي بنياد تي رائج ڪيو ويندو ۽ نصاب کي به وقت ۽ حالتن جي گهُرجن مطابق ٺاهيو ويندو ته جيئن عالمي سطح تي ٿيندڙ حاصلاتن، سائنسي تبديلين ۾ انهن سان گڏجي هلي سگهجي. سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو 1991ع کان سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل تحقيقي ۽ تخليقي ڪمن تي مامور آهي. ان کان علاوه ٻيا به اهڙا خانگي ادارا قائم ٿي چڪا آهن، جيڪي هن علم ۽ فن تي ڪم ڪري رهيا آهن.

## سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي

اصطلاح سازيءَ جي فن تي محبت ٻرڙي جي ڪم جو دائرو ادب کان سائنس جي شعبي تائين پکڙيل آهي. هو ادب کان اڳ ۾ ميڊيڪل سائنس سان سلهاڙيل هو. هن کي انسائيڪلو پيڊيا جي موضوع تي ڪم ڪرڻ دوران سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي تمام گهڻي کوٽ نظر آئي ۽ سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح نظر آيس ٿي، ته انهن ۾ به ڪافي نقص نظر آيا ۽ ڪي ته ماڳهين غلط ۽ بي بنياد نظر ٿي آيس. هن محسوس ڪيو ٿي ته جيستائين انهيءَ کوٽ کي ڪنهن قدر پورو نه ڪبو ۽ مروج غلط ۽ بي بنياد اصطلاحن جي نشاندهي ۽ انهن جو سڌارو نه ڪبو تيستائين انسائيڪلو پيڊيا سميت ٻين سائنسي علمن تي بهتر انداز ۾ ڪم ٿي نه سگهندو. محبت ٻرڙو لکي ٿو ته:

> ”سنڌ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي کوٽ جو مون کي خاص احساس تڏهن ٿيو جڏهن مون انسائيڪلو پيڊيا سنڌيڪا جوڙڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو. منهنجي سَڌَ آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ به دنيا جي ٻين سڌريل ٻولين جيان هر موضوع تي ڊار ڊار ۽

سنيون انسائيڪلو پيڊيائون موجود هجن. پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ، پيو نه ته به
’انسائيڪلوپيڊيا برٽئنيڪا‘ جي جوڙجي هجي.''(ٻرڙو 1998: 70)

ٻوليءَ جي انهن معاملن کي آڏو رکي محبت ٻرڙي ”ٻول گهاڙي تو“ جي عنوان سان هڪ مقالو لکيو جنهن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ ۾ انگريزي اصطلاحن جا سنڌيءَ ۾ اهي غلط العام اصطلاح بيان ڪيا. جيڪي علمي لحاظ کان غلط جوڙيا ويا هئا ۽ اُهي گهڻو ڪري اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي ذريعي واهپي هيٺ رهندا پئي آيا. جنهن ۾ عام ۽ لکيل پڙهيل طبقو به متاثر پئي ٿيو.

محبت ٻرڙو سنڌي اصطلاحن ۾ استعمال ٿيندڙ ’ - يات‘ تي به غور ڪيو آهي. سنڌي زبان ۾ ابتدائي لفظ جي پنيان ’ -يات‘ پڇاڙي (Suffix) ملائي مرڪب لفظ ٺاهيو ويندو آهي، جيئن: دين + - يات =/دينيات/، اسلام + -يات = /اسلاميات/، سماج + - يات = /سماجيات/، اقتصادي + - يات= /اقتصاديات/، معاش + - يات = /معاشيات/ وغيره. محبت ٻرڙو اُن پڇاڙيءَ کان به مطمئن نه آهي.

اصل ۾ اهو ’ -يات‘ اردو زبان جي اثر سببان سنڌيءَ ۾ استعمال هيٺ آيو آهي. محبت ٻرڙي جي خيال موجب، اردو زبان وچ -ايشيا جي مذهبي انتهاپسند لشڪر ۾ جنم ورتو ۽ پرورش پاتي، جنهنڪري ان ماحول ۾ ’وگيان‘، ’گيان‘، ’وديا‘، ’وجا‘ وغيره لفظ استعمال ڪرڻ کي ناپسند ڪيو ويو پر سنڌي زبان جي مزاج ۾ ’انتهاپسندي‘ وارو عنصر موجود نه آهي. تنهنڪري سنڌيءَ ۾ ان قسم جهڙا لفظ موجود آهن. جيڪي انگريزيءَ ۾ ”علم“ لاءِ متبادل طور پڇاڙين طور لڳائي سگهجن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي سڀاءَ ۽ مزاج مطابق محبت ٻرڙي هيٺيان سائنسي ۽ فني اصطلاح جوڙيا آهن. جيڪي سندس ڪتاب ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا‘ ۾ درج آهن:

- گاجڃاڻ، گاجپياس =(Acoustics) آواز بابت سائنس.
- سوپياڃاڻ (Aesthetics) = علم خوبصورتي، رس گيانَ، جماليات.
- اڏامڃاڻ، اڏامپياس (Aeronautics) = هوابازيءَ جو علم.
- لِڱڃاڻ، لِڱپياس (Anatomy) = انگَ وديا، علم تشريح بدن.
- مانسڃاڻ، مانسپياس (Anthropology) = بشريات، انسانيات، علم الانسان.
- انگپياس، انگڃاڻ (Astrology) = علم جوتش، علم نجوم.
- تاراپياس، تاراڃاڻ (Astronomy) = علم هيئت، تارن جو علم، فلڪيات.
- لکيُسُڌ (Bibliography) = ڪتابيات، ڪتابن جي ياداشت، ڪتب نامو.
- جِياسُڌ، جيا ليک (Biography) = جيون چرتر، جنم ساکي، سوانح عمري.
- ڏوهڃاڻ، ڏوهپياس (Criminology) = علم گناهه، ڏوهن جو اڀياس.

- ڏندجاڻ، ڏندپياس (Dentistry) = ڏندن بابت علم.
- ڪَلپياس، ڪَلجاڻ (چَمر پياس، چَمجاڻ) (Dermetology) = ڪَل جي بيمارين بابت ڄاڻ.
- ٻولسُڌ (Dictionary) = لغت، ڪوش، فرهنگ، لفظن جي معنيٰ جو ڪتاب.
- جيتپياس، جيتجاڻ (Entromology) = جنت جنتر وديا، جيتن جو اڀياس.
- نسلپياس، نسلجاڻ (Ethonology) = قومن جو علم، انسانذات جي نسلن بابت سائنس.
- نَسلسُڌ، وَ نُسڌ (ونس = اولاد + سڌ) (Ethnography) (ڄَڙَ - سُڌ) = انسانذات جي نسلن جي سائنسي تشريح، شجرو، نسب نامو حسب نسب.
- ڀَ لَونسجاڻ (Eugenics) = اولاد سڌار علم.
- ڏٽيسگهه (Theocracy) = ڏٽيءَ جي حڪومت، خدائي راڄ.
- ڏٽيسماءُ (Theosophy)
- ڏٽيئاچاري (Theodicy)
- اِلَهجاڻ (Theogony) = اِلَهن (ديوتائن gods)
- اڏٽيمت (Atheism) = ناستڪمت، ناستڪي، اهو ويساهه ته خدا موجود نه آهي.
- ترڏٽيمت (ترڏٽيئپ، ترڏٽيائپ) (Pantheism) = ويدانت مت، سرو ايشور واد، همه اوست جو نظريو هر شيءِ ۾ الله جي موجود هجڻ جو نظريو.
- گهڻڏٽيمت (گهڻڏٽيمت، گهڻ ڏٽيائپ) (Polytheism)
- ديومت (ديوائپ) (Fetishim) = جڙ پوڄا، قدرت جي وٿن ۾ لقائن جي پوڄا.
- آوتار مت (اوتارپ) (Totemism) = ڪنهن قدرتي شيءِ کي ديوتا جي مورتي ڄاڻي، ان جي عزت ڪرڻ.
- الهراڄپ، الهراڄمت (خداشاهيمت، خداشاهپ) (Chiliasm)
- الهمت، الهپ (Desim) = ڏٽيءَ جي هستي مڃيندڙ صوفي.
- آلهجوڙ (اله توڙُ؟) (God-building)
- خدا – کوج (God-seeking) = خدا جي بادشاهي پيار ۾ نوڙت وسيلي ماڻي سگهڻ.
- تَنتجاڻ، تنتپياس (Neurology) = تنتي سرشتي جو علم.
- فضا ڄاڻ، فضا پياس (موسم پياس، موسمڄاڻ) (Metrology) = علم آبهوا، موسمياتي اڳڪٿيءَ جو فن.
- گرڀجاڻ (Obstetrics) = دائپو علم، گرڀ بابت.
- هَڏ ڄاڻ، هڏپياس (Orthopaedics) = هڏي جي خرابي ۾ ان جي مرضن جي علاج واسطيدار سرجريءَ جي شاخ. (محبت برڙو انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪ -1998ع ص -91)

لغت ۾ محبت ٻرڙي کي ڪيترن ئي انگريزيءَ جي متبادل سنڌي اصطلاحن ۾ ڪمزوريون ۽ کوٽون نظر آيون آهن. مثال طور: ’Biology‘ لاءِ ’علم حيات‘، ’Biological‘ لاءِ ’حيات بابت‘ ۽ ’Biologist‘ لاءِ ’علم حيات جو ماهر‘ وغيره. هنن اصطلاحن بجاءِ محبت ٻرڙي هيٺيان متبادل تجويز ڪيا آهن. جيڪي انگريزي لفظن جي تز معنيٰ کي ظاهر ڪن ٿا:

Biology = جياڄاڻ، جياپياس.

Biology = جياڄاڻڪ، جياپياسڪ

Biological = جياڄاڻي، جياپياسي، جيائاٽي. (ص 77)

ان کان علاوه محبت ٻرڙي، پروفيسر ايم.اي قاضي جي تجويز ڪيل متبادلن/اصطلاحن سان اختلاف رکندي انگريزي اصطلاحن لاءِ هيٺين متبادلن لاءِ سفارش ڪئي آهي:

| محبت ٻرڙي جا سفارش ڪيل متبادل | پروفيسر ايم. اي قاضي جا جوڙيل متبادل | انگريزي لفظ |
|---|---|---|
| جيائاٽي هٿيار | حيات بابت هٿيار | Biological weapon |
| جيائاٽي جنگاڻ | حيات بابت جنگاڻ | Biological warfare |
| جيائاٽي بم | حيات بابت بم | Biological bomb |
| جياسُڌ | حيات نگاري | Biography |
| جيا سُڌي | حيات نگاريءَ بابت | Biographical |
| جيا سُڌير ۽ جيا ليکڪ | حيات نگار وارو | Biographer |
| جيا - ڄاڻوڪي | - | Bio-data |
| جيا - گئس | - | Bio-gas |
| جيائڪ | - | Bionic |
| جيائَرِ | - | Biotic |
| جيوڙڄاڻ، جيوڙپياس | علم جراثيم | Bacteriology |
| جيوڙڄاڻي / جيوڙپياسي | جراثيم بابت | Bacteriological |
| جيوڙ ڄاڻڪ، جيوڙ پياسڪ | علم جراثيم جو ماهر | Bacteriologist |
| جيوڙو | جرثومہ | Bacterium |
| جيوڙا | جراثيم | Bacteria |
| جيوڙائي | جراثيم بابت | Bacterial |
| جيوڙهار | - | Bacteriocidin |

| | | |
|---|---|---|
| Bacteriophage | - | جيوڙ |
| Botane | نبات | ٽَوت |
| Botany | علمِ نبات | وٽوتجاڻ، وٽوتپياس |
| Botanist | علم نبات جو ماهر | وٽوتجاڻڪ، وٽوتپياسڪ |
| Botanical | نبات بابت | وٽوتجاڻي، ٽوتپياسي (وٽوتاٽي) |
| Botanical garden | نبات بابت باغ | وٽوتجاڻي، ٽوتپياسي/ وٽوتاٽي باغ |
| Botanical name | نبات بابت نالو | =/=/= نالو |
| Botanize | نباتڻ | وٽوتڻ (اوپڙائڻ) |
| Herb | نبات | اوپڙ، نباتي |
| Herbal | نبات بابت | اوپاڙڪ نباتي |
| Herbivorous | نبات خور | اوپڙ کائو نباتخور |
| Herbaceous | نباتدار | نباتائي |
| Herbage | - | - گاهہ پنو |
| Herbalist | - | اوپڙ ڄاڻڪ |

پروفيسر ايم. اي قاضي جي تجويز ڪيل متبادلن جو جائزو جيڪڏهن صرف و نحَو ۽ ٻوليءَ جي لساني خصوصيتن ۽ سٽاءَ مطابق ڪبو تہ صورتحال سندس اُن راءِ جي ابتڙ بيهندي، جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ:

"دراصل اصطلاح اهڙا هئڻ گهرجن، جن جي زبان توڙي فن جي لحاظ کان موزون هجن ۽ پاڻ ساخت جي لحاظ کان مختصر هجن. حتي الامڪان ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ ٻوليءَ جون لساني خصوصيتون ۽ صرف و نحَو جون بندشون بلڪل نظرانداز نہ ڪيون وڃن." (قاضي، 1994: 13)

انهيءَ راءِ جي تناظر ۾ محبت ٻرڙي ڪجهہ انگريزي لفظن ۽ اصطلاحن تي نظر وڌي آهي، تہ جيئن انهن جي فطرت ۽ مزاج کي سمجهي سگهجي.

"Logos" لاطيني زبان جو لفظ آهي، ان لفظ جي "log" سان "Arithm" ملائي لفظ "Logarithm" جوڙيو ويو آهي. "لاگرٿم" جي معنيٰ آهي – انگن جو اهڙو نظام، جيڪو جدول جي صورت ۾ تهيل هجي. محبت ٻرڙي ان "لاگرٿم" جو سنڌيءَ ۾ متبادل "ڄاڻنگ" (ڄاڻ+انگ) جوڙيو آهي. اهڙيءَ ريت "Arithmetic" لفظ بہ ٻن جزن –"Arithm" ۽ -"

"etic" (انگن جي سڃاڻ، انگن وسيلي ڪم ڪرڻ) مان ٺهيو آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو متبادل ٺيندو – "انگڃاڻ" يا "انگيياس".

"Analogous" ۾ "Logous" جي اڳ ۾ "Ana" ڳنڍيو ويو آهي. هتي "لوگاس" جي معنيٰ – بناوت ۽ بڻ ۾ نہ پر ڪِرت جي لحاظ کان هڪجهڙائي رکندڙ آهي. جيئن ڪنهن پکيءَ ۽ پوپٽ جا پَرَ وغيره. محبت برڙي سنڌيءَ ۾ اُن جو متبادل ڀُرَهرنگ" (ڀهر+انگ) مقرر ڪيو آهي. (ايضاً، ص 82)

"Homologous" جي معنيٰ آهي – ساڳي ڪِرت نہ پر ساڳيو بڻ رکندڙ. محبت برڙي اُن جو سنڌيءَ ۾ متبادل "ساڳنگ" (ساڳيو+انگ) يا "بڻنگ" (بڻ+انگ) مقرر ڪيو آهي.

"Oval" ۾ پڇاڙي "al-" آهي. ان جي معنيٰ "بيضي بابت" ڪڍي وڃي ٿي. جيڪا پڇاڙيءَ جي معنيٰ درست "بيضوي" ٺيندي. "Ovoid" جو متبادل "آنيرو" ٺيندو. جڏهن تہ اُن جو سنڌي متبادل بيضي وانگر يا آنيل ڪڍيو وڃي ٿو. سنڌيءَ ۾ اڳ ئي "آنيرو" (آني+ايرو) يا آنيارو (آني+آرو) آنيارو پلوءِ آنورو (آنو+اورو)، جنهن کي خصيو بہ چئجي، مروج آهن.

"Bacillus" ۾ "us-" پڇاڙي طور ڳنڍيل آهي، جنهن جي معنيٰ ٺيندي – لٺ، ڏنڊيءَ يا ڏانڊيءَ جي شڪل جهڙو (Rod-shaped)

"Globular" معنيٰ – گولير (گولو+اير) هن جي پڇاڙي "ar-" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – گولي وانگر: (Globe-Shaped).

"Cuneiform" =ڇاپَر، ڇاپرو، ڇپرول. هن جي پڇاڙي "Form-" آهي، اتي اِن جي معنيٰ ٺيندي – ڇيٽيءَ يا ڇپر جي شڪل جهڙو.

"Anthropoid" = مانسول يعني مانس + اول. سندس پڇاڙي "oid-" آهي ۽ معنيٰ اٿس – ماڻهو جيان (Wedge-shaped).

"Leguminous" = ڦريٽار. هن لفظ جي پڇاڙي "ous-" آهي ۽ معنيٰ اٿس – ڦريءَ يا ڦريءَ واري وڻوٽ (Like-plant).

Apical = چوٽار، چُڪار يعني چوٽ يا چُڪ (چهنب) وارو (Pertaining to or located at apex)

محبت برڙي ان طرح ڪيترائي سائنسي ۽ فني اصطلاح گهڙيا آهن. جن مان ڪجهہ مثال طور هيٺ پيش ڪجن ٿا:

**Axial** (ڪچ يا سرائيءَ سان واسطيدار) =ڪَچات، ڪَچار، سرائِيٽو.

**Chorodate** (فائلم ڪارڊيٽ سان واسطيدار) = ڏوريات.

**Opthalmic** (اک سان واسطيدار، اک جو، اکر وارو) = اکيت.

**Optic** (نظر / ڏسڻ سان واسطيدار)= ڏٺار.

**Auditory** (ٻڌڻ سان واسطيدار، ٻڌڻ جو، ٻڌڻ وارو) = ٻڌيت.

**Anterior** (اڳ واري پاسي سان واسطيدار) = اڳيت.

**Posterior** (پُٺ واري پاسي سان واسطيدار) = پٺيت.

**Lateral** (پاسي سان واسطيدار) = پاسيت

**Medial** (وچ سان واسطيدار) = وچيت

**Adipose** (سٽپ، چربيءَ سان واسطيدار، سٽپ جو) = ساٽپ

**Predaceous** (کاڌي خوراڪ لاءِ جانور جو شڪار يا شڪار ڪندڙ) = ؟

**Oliparous** (آنا پيدا ڪندڙ) =آنائِتِ

**Alanatois** (Allas= ٽڙ، eidos= شڪل يا صورت) = ٽرات

**Diploid** (ٻيڻو ٻٽو. eidos - جهڙو) = ٻِٽول

**Aqueous** (جنهن ۾ پاڻي هجي) = پاڻيئات (پاڻيات)

**Aquatic** (پاڻيءَ سان واسطيدار يا پاڻيءَ ۾ رهندڙ) = پاڻيئر

**Morphology** (Morphe= شڪل، روپ. logos= ڳالهه ٻول يا تقرير (بحث) = روپجاڻ، روپپياس.

**Alveolar** (ايلويول سان واسطيدار = هڪ ننڍي کاڻ، ڇُر (pit) يا گهچي (cavity) ٽٽائتن جي ڦڦڙ ۾. . . (airsac). ڏندَ ڇُگهه (Tooth socket).مهارَ م َهاري. هڪ غدود جو ڇيهات (Terminal) رس ڏيندڙ حصو.

Aveolus (ايلويول سان واسطيدار) = ؟

انگريزيءَ ۾ پڇاڙيءَ طور ڪتب آندل "ose-" جو سنڌيءَ ۾ مبتادل "جيان" يعني "جهڙو" يا "وانگر" ڪڍيو وڃي ٿو. جنهن سان جيڪي انگريزي لفظ ملن ٿا، جيئن: Adenose، Glebulose، Favose، Fruiticose وغيره.

محبت ٻرڙي "لفظ جي پڇاڙيءَ جي حقيقت" جي عنوان سان مقالي ۾ ڪيترائي نوان سنڌي اصطلاحَ جوڙيا آهن. جن مان ڪجهه نموني طور هتي پيش ڪجن ٿا:

- تپاچو – تپ + آچو = تَپَ ڪاچو معنيٰ ٿرماميٽر.
- تپ + ڪاچ (جيڪڏهن "ڪ" گم ٿي وڃي ته) = تپاچ.
- تپ + ماپ (جيڪڏهن "م" گم ٿي وڃي ته) = تپاپ.
- داب + ڪاچ / ماپ = داباچ / داباپ.
- پاڻي + ڪاچ / ماپ = پاڻياچ / پاڻياپ.

- هوا + ڪاچ / ماپ = هواچ / هواپ.
- بار +ڪاچ / ماپ = باراچ / باراپ. (ص 97)

محبت ٻرڙي "Vowel" لاءِ مروج متبادل "سُر" بجاءِ "وائل" متبادل جوڙيو آهي، ۽ "Consonant" لاءِ مروج متبادل "وينجڻ" بجاءِ "وائجڻ" متبادل جوڙيو آهي. محبت ٻرڙي جي راءِ مطابق "واءِ" ۽ "واءُ" لفظن جو پاڙ – ٻول (Root-word) "واءُ" آهي، جيڪو هن وقت به سنڌي ٻوليءَ ۾ عام مروج 3 سؤ کن لفظن ۽ اصطلاحن جي بنياد ۾ نظر اچي ٿو. (ص 100)

"واءُ" ئي "وايو" جو به ڌاتو آهي ۽ اُن کي مختلف صورتون ڏيئي "Phone" ڌاتو رکندڙ لفظن ۽ اصطلاحن جي بدران ڪم آڻيندي سنڌيءَ ۾ نوان متبادل ناهي سگهجن ٿا. محبت ٻرڙي "لسانيات" ۾ مروج اصطلاحن مان گهڻي قدر اتفاق نه رکيو آهي ۽ انهن ۾ سڌارا پڻ تجويز ڪيا آهن ۽ ڪٿي ته ماڳهين نوان اصطلاح ۽ متبادل گهڙيا آهن

## حوالا:


1. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر (2004ع)، سنڌي ٻهاڪا ۽ محاورا – هڪ اڀياس، (ڇاپو ٻيو)، ڪنڊيارو: روشني پبلڪيشن، ص 55.
2. Qazi, Mumtaz Ali, Prof, (1994), Scientific & Technical Terms (English to Sindhi), Jamshoro: Sindhi Science Society, p 13.
3. ٻرڙو محبت (1998ع) انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (ڇاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، ص 70.
4. ابڙو بدر (2010ع) اوڪسفرڊ انگلش – سنڌي ڊڪشري (ڇاپو پهريون)، ڪراچي: اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس، پلاٽ 38، سيڪٽر 15، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا، ص 932.
5. ايضاً، ص 93.
6. ٻرڙو محبت (1998ع) انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (ڇاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، ص 268.
7. Qazi, Mumtaz Ali, Prof, (1994), Scientific & Technical Terms (English to Sindhi), Jamshoro: Sindhi Science Society, p 7.
8. ٻرڙو محبت (1998ع) انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (ڇاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، ص 69.
9. ايضاً، ص 70.
10. ايضاً، ص 71.

11. Qazi, Mumtaz Ali, Prof, (1994), Scientific & Technical Terms (English to Sindhi), Jamshoro: Sindhi Science Society, p 13.
12. Ibid, p 82.
13. ٻرڙو، محبت (1998ع) انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (ڇاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، ص 91.
14. ايضاً.
15. ايضاً، ص 98.